


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوٿون
شعري
مجموعو

درد جون شڪايتون

عاجز ميرواهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ حق واسطا شاعر وٽ محفوظ

ڪتاب 34

ڪتاب جو نالو:	درد جون شڪليون
ليکڪ :	عاجز ميرواهي
ڇپائيندڙ :	سنڌ ادبي اڪيڈمي
ڇپيندڙ :	البرڪت پريس
سال :	2010
ملهه :	-/70 روپيه

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

لغاري بڪ ڊپو ٽري ميرواهه
ڪنول پليڪيشن قمبر
المهراڻ فائونڊيشن سانگهڙ
شاهه لطيف ڪتاب گهر حيدرآباد
پيا ڪتاب گهر
ساڪي سنگت esaakhi@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڀنا

انهن
اوڀ انسانن کي
جن دنيا ۾
درد ڏنا
سور سڻا
۽
ڏک ورتا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سٹاءُ

07 مهاڳ

14 پنهنجي پاران

15 حمد

17 دعا در خدا

19 نعت

20 منقبت

21 غزل

73 آزاد نظم

77 وائي

79 چئو سٹا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

عاجز ميرواهيءَ جي درد جون شڪليون

تغير پذير هن ڪائنات جي هر شيءَ وقت ۽ حالتن سان گڏ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان تبديل ٿيندي رهي ٿي، ڪنهن بہ شيءِ تي جمود سدائين لاءِ طاري نہ ٿو رهي. ڇو تہ جمود هاجيڪاريءَ جو ڪارڻ ٿيندو آهي ۽ هاجيڪاري ڪائنات، دنيا، جهان، انسان ۽ انساني معاشري کي ڇيهو رسائيندي آهي. جسم ۾ گردش ڪندڙ رت تي جسم جي ڪنهن حصي ۾ جمود طاري ٿيندو تہ اهو قٽ ۽ قرڙيءَ جو روپ ونندو، ڪوه مان پاڻي ڪڍڻ واري گردش تي جمود طاري ٿي ويندو تہ اهو گدلو ۽ گندو پاڻي ٿي پوندو ۽ ماڻهو ماريندو، دولت جي گردش ختم ٿي ويندي ۽ اها هڪ هٿ کان ٻئي هٿ يا هڪ فرد کان ٻئي فرد تائين پهچڻ بدران ڍڳ بڻجي ڪنهن جي گوڏن هيٺيان جمودي صورت ونندي تہ اوچ نيچ ۽ سماجي نابرابريءَ کي جنم ڏيندي. اهڙيءَ طرح انساني سوچ تي جمود طاري ٿيندو تہ فڪر ۽ تدبر مرٽينگ صورت اختيار ڪندا. انسان انهيءَ ڪري پنهنجي سوچن جي سنسار کي دائم ۽ قائم رکڻ لاءِ مختلف طريقا ڪتب آڻيندو رهيو آهي. علم ادب ۽ خاص طور تي شاعريءَ سان شغف رکڻ بہ سندس انهيءَ ضرورت جو پڙاڻو ٿيندو آهي. اڄوڪي دور ۾ اڄ جو انسان پنهنجي لکڻين، شاعريءَ ذريعي ٻوڙو ٻڏي آچار ڪري ٿو.

تغير پذيريءَ جي اصول مطابق شاعري بہ فن خواهہ فڪر جي حوالي سان مختلف دورن ۾ مختلف روپ ونندي رهي آهي. ڪو وقت هئو تہ شاعريءَ "پهاڪن ۽ چوٽين" جو ٻاراٽو ويس ورتو. وقت گذرندو ويو تہ شاعري ڳاهہ دوهو ۽ بيت جو جامو اختيار ڪيو. پوءِ وائي ۽ ڪافيءَ جنم ورتو. هاڻي فني حوالي ان شاعري ڪيترين صنفن جو ڪٽنب جوڙي ورتو آهي.

ماضيءَ ۾ شاعريءَ جي اها سڃاڻ ڄاتي ويندي هئي تہ سڀني ۽ معياري شاعري اها آهي، جيڪا "ڳاتي وڃي." بلاشڪ اڄ بہ شاعريءَ جي اها وڏي ڄاڻ سڃاڻ آهي، پر شاعريءَ جي افاديت ان کي ڄاتو ٿو وڃي تہ اها سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو موثر ذريعو آهي. اڄ جي شاعري ويچار- ساگر ۾ سوچ - سپنن جي اضافي ڪرڻ ڏانهن آهي. اهي سوچ - سپون، جن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انيڪ ماڻڪ ۽ موتي ٽين ٽا، ۽ اهي جيڪڏهن جڳ کي نہ آڇيا ويا تہ اجايا ۽ اڪارتا ٿي پوندا.

اسان جي سڃي ۽ سڀاجهي شاعر عاجز ميرواهيءَ انهيءَ ۽ اهڙي وکر جو وڻجارو آهي. جيڪا اهم ڳالهہ پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪري ٿي، سا اها آهي تہ هو شاعري کي "درد جون شڪليون" چئي ٿو. جهڙوڪ هن جي نظرن ۾ شاعري اهو تخليقي پورهيو آهي، جيڪو درد مان جنم وڃي ٿو ۽ درد کي جنم ڏئي ٿو.

عاجز ميرواهيءَ جي شاعريءَ جي هن چوٽين مجموعي جو نالو آهي، "درد جون شڪليون". هن اهو نالو، هن ڪتاب ۾ شامل شاعري جي هڪ مطلع مان کنيو آهي، جيڪو آهي:

درد، شڪليون جڏهن پي ڏاري ٿو
پوءِ حقيقت سڃي ڏيکاري ٿو .....

عاجز "درد" کي ئي وڏي وٽ ڄائي ٿو. هن مثال ڏئي "درد" جي اهميت ۽ عظمت کي بيان ڪيو آهي. جيئن لطيف سائين فرمايو آهي تہ : "ڏک سکن جي سونهن،گهوريا سک ڏکن ري"، تيئن ڏک جي فلسفي کي اسان جو شاعرهي بہ اهم ڄاڻي ٿو. ان لاءِ مثال ٿو ڏئي تہ سڃ کي جڏهن سورن جي سوغات عطا ٿيندي آهي تہ اهو سوز بڻجي پوندو آهي. جڏهن سڃ سرخي ۽ لالاڻ جو ويس پائيندو آهي تہ پوءِ ئي روشني پکڙبي آهي ۽ ڄاڻ اوندهہ واري رات جي ڪُک مان روشن ڏينهن ڦٽي پوندو آهي.

عاجز ميرواهيءَ جي شاعريءَ جي هن مجموعي جو نالو ئي بانور ڪرائڻ لاءِ ڪافي آهي تہ سندس شاعريءَ ۾ سندس دل جي درد کان وٺي ڏرتيءَ — ڏٽين جي درد تائين سموريون ڪهاڻيون ۽ روپ موجود آهن. پلي تہ هن شاعريءَ جي فني لوازمات سان گهربل انصاف نہ ڪيو آهي، پر مقصديت جي حوالي سان سندس شاعري اسان کي سوچ ۽ فڪر جا جهول آڇي ٿي.

عاجز ميرواهيءَ، پنهنجي شاعريءَ تہ انفرادي طور تي اڪيلي سر ڪري ٿو، پر هن پنهنجي سموري دور ۽ دور جي حالتن کي پاڻ سان گڏ ڪٽي هلي ٿو. ڪيترن حوالن سان تہ هو پاڻ دور جي واقعن جو شاهد بڻجي اسان اڳيان اڇي ٿو. مثال جي طور بينظير پٽو جهڙيءَ لائق ۽ نامياري سياستدان کي هن اسان جي دور ۾ ، جهڙوڪ اسان اڳيان شهيد ڪيو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ خون ناحق ۽ سانحي تي عاجز ميرواهي ۽ سندس شاعراڻي ذات هن طرح تڙپي پون ٿا:

موئن جا دڙا !
هاڻ تو سان وري
گلن جو دڙو هڪ
نهيل ٿو ڏسان !!

اسان جي اها الائي ڪهڙي بدنصيبي آهي جو "مهين جي دڙي" کان پوءِ اسان کي جهڙوڪ هر شيءِ دڙن جي صورت ۾ ملي آهي. پوءِ اهو دولهه دريا خان هجي يا مخدوم بلاول، هوشو هجي يا هيمون، سورهيه بادشاه هجي يا الله بخش سومرو، ذوالفقار علي ڀٽو هجي يا سندس نياڻي شهيد راڻي. خدا جاڻي ته سندس سياسي قتلن ۽ خون ناحق جي ڪهاڻين جو انت ڪڏهن ڏسندي.

غير، اسان جي سوچ ۽ لوچ جي سفر جي ائين رستي روڪ ڪن ٿا ته اسان وري انهن کان وڌيڪ قهري ظالم سڃي نهنجي عورت — ذات کي گجر موري وانگر ڳٽرا ڳٽرا ڪندا رهون ٿا. انهيءَ درد جي ڪهاڻي کي عاجز ميرواهي هن ريت بيان ڪري ٿو:

ڪنهن هڪ ٻئي ڏي جو واجهايو
ڪارو ٿي ويو، ڪاري ٿي وئي.

اسان پاڻ کي ڏاهو، سيبتا ۽ سياڻا سڏيون ٿا پر پنهنجو اصلي حال ڪهڙو آهي ۽ زميني حقيقتون ڪهڙيون آهن، انهن تان عاجز ميرواهي هن ريت پردو هٽائي ٿو:

پنهنجا هردم ڏار ڏسان ٿو،
ڏاريا حملي وار ڏسان ٿو.
جنهن پي حق ۽ سچ ڳالهايو،
تنهن کي ڏاڍي مار ڏسان ٿو.
عدل هٽن ۾ ظالم جي آ،
هي ڪهڙا آثار ڏسان ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي صورت حال ۾ عاجزميرواهي جهڙو سڀاجهو شاعر، جي دعا گهرندو تہ اها هينئن نہ هوندي تہ ٻيو ڪيئن هوندي !

شال خدا هي لوڪ سنواري
پنهنجي هڪ احسان جي صورت !

عاجز ميرواهيءَ قومي نفسيات جو ڄاڻو شاعر آهي. هو عوام مان آهي، عوام جو آهي ۽ عوام لاءِ آهي. ان ڪري هن کي خبر آهي تہ اسان جي سوچن ۽ لوچن ۾ ڪٿي ڪٿي ۽ ڪهڙا ڪهڙا روپ آهن. سندس هي شعر ملاحظہ فرمايو:

آستين ۾ نانگ پالي ٿا رکون،
زهر کان توڙي سدائين پيا ڊجون.
يا
پنهنجا ڪوڙا، ڏاريا منڙا،
ٿي ويا رشتا ناتا آهن.
يا
ماڻهو ماڻهوءَ جو دشمن ٿيو ،
منفي سوچ ويچار ڏسان ٿو.

ماڻهن جي پنهنجي لڳي پئي هو نہ ي پئي هوندي، ان ڪري اولاد والدين کي، والدين اولاد کي، عزيز مائٽن کي ۽ يار دوستن کي سڃاڻيندا ئي ڪونہ . ايئن لڳندو جڻ ڪو ڪنهن جو ڏنل ئي ڪونهي! تعجب جي ڳالهہ تہ اسان سنڌين هاڻي ئي پنهنجي لاءِ قيامت جهڙو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو آهي. رشتا ناتا بي معنيٰ بڻجي چڪا آهن. اسان هڪ ٻئي لاءِ ويري بڻجي چڪا آهيون. نفرت ڪرڻ ڪو اسان کان سکي . اسان جهڙوڪ ٻئي ماڻهي منهن مٺي وينا آهيون.

اهڙي نفرت ۽ اوپرائپ ۽ واري ماحول ۾ ۽ اسان جا شاعر پيار جون ڳالهيون ڪن ٿا ۽ محبت جي تبليغ ڪن ٿا. اهو هن ڌرتيءَ جي مٽيءَ جو معجزو آهي. هن مٽيءَ جي مٽيا ئي اور آهي. جتي دلين ۾ نفرت جي مڪمل دنيا آباد هجي، اتي ڪروڌ، ضدي، ڏاڍي ۽ ڏکي انسان سان محبت ڪرڻ مثالي ڪارنامي کان گهٽ نہ آهي. سنڌ جي شاعرن انسان دوستيءَ جا اهڙا ئي مثال قائم ڪيا آهن. عاجز ميرواهي ۽ انهن انسان —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوست ۽ محبت جي مبلغ شاعرن مان هڪ آهي. هن جي شاعريءَ ۾ عشق ۽ محبت، عاشق ۽ معشوق جا مکيہ روپ موجود آهن.

پيار ڇا آهي، ۽ ڪيئن ماڻهوءَ کي اڌ مئو ڪري ڇڏي ٿو؟ ان جو عاجز ميرواهي هن ريت جواب ڏئي ٿو:

پيار اڇڪلهہ جو ڇا ڪٽي ڇڄجي
ڇڙ مليريا بخار وانگي آ

عاشق، پاڻ جهڙي انسان جي محبت ۾ ڪهڙي صورت حال مان گذري ٿو، ان تي عاجز ميرواهيءَ هن ريت روشني وڌي آهي.

ٿيس ڪاڙ جنهنجي هتي آءٌ عاجز
هُتي هوء اڇاڙ ڇا جي ڪريُ آ

•

مان ڏکيو توکان سوا منهنجا سڃڙ
زندگي سڪرات وانگي، تون نہ وڃ

•

مان بہ خوشيں سان [illegible] زندگي
جي سڃڙ منهنجو سهارو ٿي پوي

•

دوست دلبر ڏار آهي دوستو،
دل جي حالت زار آهي دوستو.

•

جاڳ ۾ مون کي جلائڻ واسطي
نند نيٽن جي ڦٽائي ويو هليو

عاجز ميرواهي بنيادي طور تي لوڪ رنگ ۾ رتل شاعر آهي. اهو ئي سبب آهي جو سندس فن ۾ سادگي ، فڪر ۾ عواميت ۽ بوليءَ ۾ سلاست نظر اچي ٿي. هن شاعري جي عمارت کي فن جي ٽنهين تي رکڻ بدران پنهنجي اندر جي اڌمن ۽ احساسن، جذبن ۽ امنگن جي پيڙهہ سان تعمير ڪيو آهي. غور سان مطالعو ڪري ڏسبو تہ سندس شاعريءَ ۾ بلند خيالي جا معياري مثال پڻ نظر اچن ٿا. هي ملاحظہ فرمايو:

منهنجي من جا مور اچي ويا
غم الم مهمان جي صورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو بنا ڪاڻي اسان لئه آ سڪون
بدلجي حالات وانگي تون نه وڃ

•

گلن کي به آزاد ناهي ڇڏيو ويو
انهن سان به شامل ڪيئي خار آهن

عاجز ميرواهيءَ جي شاعري مقصديت واري شاعري آهي. هن جي شاعريءَ ۾ ماروئڙن لاءِ پيغام آهي. جيڪڏهن اسان ان جو دل سان مطالعو ڪنداسين ته يقين ڪرڻ کان سواءِ ٻيو چارو ئي نه رهندو ته عاجز ميرواهي فقط پنهنجي لاءِ نه آهي، پر هن جي سوچن ۽ لوچن ۾ ڏرتيءَ ۽ ڏرتيءَ وارا موجود آهن. ان سلسلي ۾ ڪي مثال ملاحظ ٿين:

واهُ ڏڪيو آهي وريو يار هي
حال پنهنجو ڪيئن بچايون دوستو!

•

تيز ڊوڙي ٿو زمانو جيڪڏهن،
پاڻ ۾ي طاقت وٺي وک کا کٽون.

•

وڃجي هاري جنگ تڏهن ٻي،
هانو نه هرگز هارڻ گهرجي.

•

ستارن بنا ڇڻ ٻسو آسمان،
۽ ڏرتيءَ ويچاريءَ کي سڪرات ڏي!

•

پيٽ کان پوءِ پيار جو آ مسئلو،
سونهن لئه سينگار جو آ مسئلو.

•

کل خوشيءَ جا کوڙ خزانا،
ان هوندي ماتام نه آڻيو

•

مرون پي جي عاجز! ائين ڇو مرون،
مري جڳ کي جڳمڳ اجارڻ ڪپي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاجز ميرواهيءَ جي شاعري جو هي چوٿون مجموعو آهي. ان کري سندس شاعريءَ جي معيار خواهه هن جي شاعراڻي قد و قامت جي اندازي لڳائڻ لاءِ ضروري آهي تہ سندس سموري شاعري نظر مان کڌجي. مون جهڙوک خروار مان مُٺ کڌي، هن هک مجموعي جي آڌار تي سندس ذات ڏسڻ ۽ پرکڻ جي کوشش کئي آهي. چوندا آهن تہ "جي چپ ڏنا تہ پوءِ ڏندن ڏسڻ جو کهڙو ضرور". انهيءَ مصداق شاعريءَ جو هي مجموعو ئي عاجز ميرواهي کي شاعري جي دنيا ۾ اتر کري بيهاري ٿو. ان کري سندس ٻيا کتاب ڏسجن يا نہ ڏسجن، اسان کي اهو چوٽو پوندو تہ عاجز ميرواهيءَ کي شاعريءَ سان عشق آهي ۽ انهيءَ عشق جي اجان تہ ابتدا آهي، ان جي انتها تہ کونہ ٿيندي. الله سندس شاعريءَ جي رفتار، مقدار ۽ معيار ۾ روز بروز اضافو ڪندو رهي ۽ هي شاعر مجتا جون وڌيک منزلون ماڻيندو رهندو.

ڈاڪٽر در محمد پٹاڻ
باني
گل حيات انسٽيٽيوٽ

ويب سائيٽ: WWW.GULHAYAT.COM
اي ميل : DR_PATHAN@YAHOO.COM

06.02.09

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پاران

هن ڪتاب لکڻ کان اڳ ڪتابن لکڻ ۽ ڇپرائڻ جون گهڻيون ئي سختيون سنيون اٿم، مگر پوءِ به پنهنجي مقصد کان نه هٽيو آهيان نه هٽيو.

شاعريءَ منهنجي متان ڪيئي موسمون آنديون آهن ! مون هر موسم کي؛ هر قسم جي شاعري ڏني آهي، طنز، مزاح، سنجيده، مزاحمتي ۽ عوامي رنگ وغيره. مون ڏات ديويءَ جي جهوليءَ ۾ ڪيئي رنگ پريا آهن، هن سفر ۾ شروع کان ئي مون سان درد جو واسطو رهندو رهيو آهي. هاڻي ته مورڳو ايئن ٿو لڳيم جڏڪ دردن سان ڪو اٽوٽ رشتو جڙي ويو اٿم. انسان پاڻ ۾ ڪدورت ڏاري ڪيڏو نه هڪ ٻئي کان ڏار ٿيندو ٿو وڃي. اسين ضد ۽ هٺ ڏرميءَ کي پنهنجو مسلڪ بڻايون وينا آهيون، نتيجي ۾ ويچا آهن جيڪي وجن ٿا روز بروز وڌندا. گلن جي هارن بدران ڪنڊن جون سيجون اسان جون سلامي آهن.

موت جهڙي حالات ڏانهن ڌڪيندڙ ڪير آهن؟ ٻيو ڪو ڏاريو ڪونه، اسان جا پنهنجا آهن بلڪ اسان پاڻ ئي آهيون. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اسان سفيد پوش ڏوهاري آهيون. اندر جي اڏمن ۽ احساسن جا قاتل آهيون. محبتن جو دم گهٽيندڙ آهيون. رشتن ۽ ناتن جا ويري به. اسان ئي آهيون. پوءِ اسان کان وڌيڪ قهرام برپا ڪندڙ ٻيو ڪير ٿو ٿي سگهي. اسان نفرتن کي پکيڙي ڪيئي گهر، گهراٽا ۽ نسلن جا نسل تباهه و برباد ڪري ڇڏيا آهن. قبر حشر ۽ محشر اڳتي چا ! اسان هتي ئي آهي برپا ڪري ڇڏيا آهن. قيامت! هڪ نئين قيامت، روز اسان جي قيادت سان جنم ونڊي ٿي! نتيجي ۾ اسان روز دوزخ جو منهن ڏسي جيئون به ٿا ته مرون به ٿا ! ها! جيئون به ٿا، مرون به ٿا.

اهڙن ئي دردن جي دنيا ۾ اجا به جيئرو .... عاجز مير واهي
نري ميرواهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حمد

گهرڙ کان سوائي بي ڏيندو آ مالڪ
گهٽائي وڌائي بي ڏيندو آ مالڪ

هو ظاهر بي ڏئي ٿو تہ باطن بي ڏئي ٿو
ٻُڌائي لکائي بي ڏيندو آ مالڪ

وسيلي بنا پي هو حاجت روا آ
وسيلو بڻائي بي ڏيندو آ مالڪ

ڪمي ناهي رب جي خزاني ۾ ڪائي
وڌائي وڌائي بي ڏيندو آ مالڪ

سمنڊ جي تري ۾ بي ڏاتار ڏي ٿو
زمين تي رهائي بي ڏيندو آ مالڪ

بنا ٽنپ ٽونڊين جي آسمان ناهيئن
ڏرتي وڇائي بي ڏيندو آ مالڪ

اهي شعر عاجز اچن ڪين از خود
اهي جڙ لکائي بي ڏيندو آ مالڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حمد / مناجاتِ

حال منهنجو يا خدا معلوم تو،
مان پُڏايان يا نہ ڪونهي فرق ڪو.

تون ئي جاڻين اَولُ و آخر سندم،
ظاهر و باطن بہ آ تنهنجو ڪرم.

شاه شاهن جا! هلي تنهنجو امر،
حڪم تنهنجو ٿو هلي پيو سر بسر.

وقت حالت ڪي مٽائين تون ئي ٿو،
سپ اپائين ۽ نپائين تون ئي ٿو.

زندگي ۽ موت تنهنجي اختيار،
پست ٻيا بس تون آهين باوقار.

ڏي خدا توفيق تنهنجو شڪر ٿئي
هر گهڙي هر ويل تنهنجو ذڪر ٿئي.

03.07.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعا درخدا

اسان جا هي سڀ عيب مالڪ لڪايو
نہ ظاهر ڪريو ڪين رسوا ٿيايو

پليل آهيون پٽڪيل توڙي جو ڪٽي
هدايت جو رستو نہ هرگز وڃايو

اسان پنهنجي عملن کان پنتي ڏي ويا سين
گناهن خطائن کان خلق ڇڏايو

سندءِ در تي جهڪيو ٿا پنوپيا،
سخا جا او صاحب عطا ڪيو سوايو.

عرض هي حاجز سندو شل قبوليو
مرڻ ويل ڪلمي سان مالڪ لڏايو

01.06.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعا درخدا

منهنجا مالڪ توبه زاري
تنهنجي در تي عمر ساري

ڏوهه گناهون بخشايان ٿو
پنهنجي عملين گهپرايان ٿو

وٺ سندءِ آ ڏاڍي سڻ سائين
مهر ڪري شل پال پلائين

پنهين جهانن ۾ ٿيان سرهو
اندر ٻاهر ڪر تون اجرو

ڪلمي ساڻ پچاڙي ٿي پئي
ڏاڍي باغ بهاري ٿي پئي

منهنجا سائين تنهنجو ڪرم آ
عاجز جو تو رکيو پرم آ

01.06.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نعت

پيـــالَ پَلائـــڻ آيـــو نبـــي ســـائين !
قـــرب كـــرائڻ آيـــو نبـــي ســـائين !

بنـــــــــدي ءِ رب وارو رشـــــــــتو
پـــاڻ ملائـــڻ آيـــو نبـــي ســـائين !

مـــــاڻهو زور آور ظـــــالم هـــــا
پيـــار ورهـــائڻ آيـــو نبـــي ســـائين !

درد ونـــــدن جـــــون دليـــــون ٽـــــارڻ
درد مٽـــــائڻ آيـــــو نبـــــي ســـــائين !

كلمـــــو پـــــاك پڙهـــــائڻ عـــــاجز
بخـــت بڻـــائڻ آيـــو نبـــي ســـائين !

07.04.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منقبت / نذرانہ عقیدت

حُسين عالي مقام سھڻو
بلند و بالا تمام سھڻو

يزيديت کي ويڙھ مٽائي
ڏئي ويو حق جو پيام سھڻو

حسين ابن عليءَ کان وڌ ڇا
ٻيو ڪو آھي اِمام سھڻو !

ڏئي سندا سِر ٽيا سوپارا
ڪٽيائون رب کان انعام سھڻو

نماز ۾ سِر رکيائون سجدي
پڙھيائون رب جو ڪلام سھڻو

ھنن جو نالو نيارو قائم
جھکي ڪري جڳ سلام سھڻو

انھن جي در جو گدا هي عاجز
سونھي ٿو گولو غلام سھڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

بهـــارون تـــ آيـــون مگـــر پنهنجـــو چـــا ؟
ڪٽـــي رنـــگ رچـــايون مگـــر پنهنجـــو چـــا ؟

خبـــر آ تـــ خـــوش پـــاڻ ڪـــان هـــو نـــ ٿيڻـــو
ڪلـــي پـــي ڳالهـــايون مگـــر پنهنجـــو چـــا ؟

قـــدر نـــاهي ٿينـــدو، بـــي قـــدرن اڳيـــان
مـــري بـــ ملهـــايون مگـــر پنهنجـــو چـــا ؟

حقيقـــت ٿـــا چـــاڻون، چـــا ســـپنا ڏســـون!
نـــ وينـــديون جـــڏايون، مگـــر پنهنجـــو چـــا ؟

وفـــا ڪـــنهن ۾ نـــاهي ڪـــو عـــاجز هتـــي
رڳيـــون بـــي وفـــايون مگـــر پنهنجـــو چـــا ؟

17.02.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪٽيون گذرن راتيون ڏي
ديوارن سان باتيون ڏي

اونداهي آ يار سوا ڇڻ
اکڙين پاتيون جهاتيون ڏي!

ماٺهن جي دل ۾ نه محبت
هٿ سندن ۾ ڪاتيون ڏي!

صبر جو دامن آهي ڇڏايل
باهه پريون سپ ڇاتيون ڏي!

سوز نه آهي ساز نه آهي
لامعني ڪل لاتيون ڏي!

اکيون ۽ دل عاجز اڇڪلهه
يار سڃڻ لئه آتيون ڏي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد مليا درد مان جي صورت
سورن جي سامان جي صورت

منهنجي من جا مور اچي ويا
غم الم مهمان جي صورت

يار اڏوريون آسون منهنجون
اڻپوري ارمان جي صورت

جان ڏيئي ويا ڪيئي جوڌا
جڳ جي لئه جيئدان جي صورت

عرش ڪان اڇو آهي چا ڪو ؟
اعليٰ ڪنهن انسان جي صورت

شال خدا هي لوڪ سنواري
پنهنجي هڪ احسان جي صورت

02.01.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجـــا هـــر دم ڏار ڏســـان ٿـــو
ڏاريـــا حملـــه وار ڏســـان ٿـــو

جيڪـــو حـــق ۽ ســـچ ڳالهـــائي
تنهنکـــي ڏاڍي مـــار ڏســـان ٿـــو

محبـــت جـــو هـــي آهـــي بـــدلو
دل جـــا ٽڪـــڑا چـــار ڏســـان ٿـــو

عـــدل هـــٿن ۾ ظـــالم جـــي آ
اُگـــرا هـــي آثـــار ڏســـان ٿـــو

بيـــوس بانـــدي قيـــد ۽ بنـــد ۾
دنيـــا ئـــي لا چـــار ڏســـان ٿـــو

جيـــئن ڏکيـــو جـــڳ ۾ مـــاڻهو
پـــاڻ مـــرڻ لئـــه تيـــار ڏســـان ٿـــو

08.01.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد شڪليون جڏهن پي ڏاري تو
سچي حقيقت سچي ڏيکاري تو

سرخ ٿيندو آ سج سورن ۾
روشني پوءِ تڏهن پڌاري تو

آسمان وانگي دل سندي حسرت
هر ڪو جذبو پکي اڏاري تو

هي شهر چو نہ تو چڏي مونکي
مان وجان تو ڪوئي بيهاري تو

رات تارا ڏسي پيو جاڳان
ڪير ٿپکي اچي سمهاري تو

يار پياري جي لئہ اجان عاجز
پيو تو گونڌر گهٽو گذاري تو

17.02.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات ڪٽڻ ڪان پياري ٿي وئي
اونڌهه ڇٽ آ طاري ٿي وئي

سورهيه روز ڪُسن ٿا! شايد
پنهنجن ۾ غداري ٿي وئي

ڪنهن هڪ ٻئي ڏي جو واجهايو
ڪارو ٿي ڏيو ڪاري ٿي وئي

ٽڳ سماج زمانو ظالم
جيئڻ ڪان لاچاري ٿي وئي

دل جوڙڻ جو شوق هيو پر
عاجز دل آزاري ٿي وئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد جو درمان ٿيو ڪڍهن پلا!
آ جيئڻ آسان ٿيو ڪڍهن پلا!

چو سجايم خوب پنهنجي دل جو گهر
ڪو اچي مهمان ٿيو ڪڍهن پلا!

ٿي سگهيو ناهيان ملائڪ جي نه مان
هو به هڪ انسان ٿيو ڪڍهن پلا!

جو لکيو، سو ٿي ويو، تسليم ڪيم
پوءِ نه هجي ارمان ٿيو ڪڍهن پلا!

پاڻ پلجي پي ڪٽي نالو منهنجو
مان مڃان احسان ٿيو ڪڍهن پلا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا ۾ نفرت کي دان
پيار محبت جو فقدان

رشتا ناتا ساڻ ڇڏي ويا
هر کو ماڻهو آ حيران

دل جون آسون راس نه آيون
ويتر ٿي پيو آ ارمان

انسانن ۾ اُنس نه آهي
پيار پريت رکن حيوان

سهڻي سوچ کا اڙي ڏارج
جنهن سان مشڪل ٿئي آسان

سک نه آهي سانت نه آهي
گوڙ ئي آهي ۽ گهمسان

عـ ـاجز ايئن گذارج هتڙي
گهڙي جو جيئن مهمان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچ اڇڪلهه آزار وانگي آ
آپگهاتي بمبار وانگي آ

پيار اڇڪلهه جو ڇا ڪٽي ڇڏجي
ڇٽ مليريا بخار وانگي آ

يڪ طرف ڪجهه محبت پي
پارٽيءَ جي وقار وانگي آ

اُنس الفت جو حال هيٺو ٿيو
ڏيهه ۾ ڇٽ ڏڪار وانگي آ

ڪا نه آهي خوشي رهي عاجز
جيت پي ڇٽ ته هار وانگي آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو جيئڻ دشوار آهي ڇا ڪجي؟
زندگي آزار آهي ڇا ڪجي؟

جنهن سڃڻ گڏجي رهڻ جا قول ڪيا
سو بڻيو بيزار آهي ڇا ڪجي؟

پيار جي راهن تي پٿر ۽ ڪنڊا
سر مٿان تلوار آهي ڇا ڪجي؟

پاڻ ٻڌندو ٻئي کي ٿو ٻوڙي وجهي
هي عجب اسرار آهي ڇا ڪجي؟

دوستيءَ مان دشمني ٿيندي ڏٺم
ناهه مان تڪرار آهي ڇا ڪجي؟

هن زماني ساڻ عاجز ڇا وڙهي
پاڻ جو لاچار آهي ڇا ڪجي؟

19.01.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري يـــاد آئـــي هئـــي هـــر دفعـــي
اســـان كـــت يُلائـــي هئـــي هـــر دفعـــي

رهـــي اڳ ۾ اوندهـــ ســـڃي ذهـــن تـــي
وري روشـــنائي هئـــي هـــر دفعـــي

اڪيلـــو هـــيس مـــان اڪيلـــو خـــدا
گـــڏيل ڪُـــل خـــدائي هئـــي هـــر دفعـــي

جيـــئن رڃ جـــي صـــحرا جـــو منظرهجـــي
تيـــئن هـــيءَ جـــدائي هئـــي هـــر دفعـــي

وفـــا منتظـــر ڪانـــ عـــاجز هتـــي
رڳـــو بـــي وفـــائي هئـــي هـــر دفعـــي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذهـــن ۾ الجهـــن ڏســـان ٿـــو هـــاڻ پيـــو
باهـــ ۾ گلشـــن ڏســـان ٿـــو هـــاڻ پيـــو

ديـــد ۽ دل جـــو ســـڪون جيڪـــو هيـــو
ســـو بـــ ڇـــڻ دشـــمن ڏســـان ٿـــو هـــاڻ پيـــو

قبـــر ۾ آهـــن اســـان جـــون خواهشـــون
پـــاڻ کـــي مـــدفن ڏســـان ٿـــو هـــاڻ پيـــو

فصـــل گـــل تـــي آ خـــزان حملـــو ڪيـــو
اجڙيـــل گلشـــن ڏســـان ٿـــو هـــاڻ پيـــو

قـــاتلن کـــي ڪـــوس جـــو ٿيـــو شـــوق آ
ڪـــات وٺ ڪـــر ســـن ڏســـان ٿـــو هـــاڻ پيـــو

19.01.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طبيعت ۾ ڪوراڻ چاجي ڪري آ
اکين ۾ بہ ڪاڙهاڻ چاجي ڪري آ

وچن جنهن کيا پاڻ گڏجي رهڻ جا
قري سو ويو هاڻ چاجي ڪري آ

پچيم پوپٽن کان چو گل ڏي وجو ٿا
چيائون تہ سرهاڻ چاجي ڪري آ

چا ايندو ڪڏهن هو، نہ آهي يقين هي
ذهن ۾ بہ چڪتاڻ، چاجي ڪري آ

ٿيس ڪاڻ جنهنجي هتي آءٌ ، عاجز
هتي هوءَ اڻجاڻ چاجي ڪري آ

02.03.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن هن جو تا سڏايون دوستو !
اڻ لکيو ڇڻ تا لکايون دوستو !

ڪونہ آهي جو قدر ڪنهن جو هتي
دل پيا ناحق لڳايون دوستو !

هو ڪڏهن پلجي بہ هت اچڻو نہ آ
دل کي پيا هر روز ناهيون دوستو !

آ ڪٽڻ تي تيل ڏيئي جو اگر،
روشنيءَ لئہ گهر جلايون دوستو !

جيئن هوا جو رخ هجي تيئن منهن ڏجي
ضد انهيءَ سان چو وڃايون دوستو !

دل ءِ دنيا گڏ هلي ناهن سگهيا
هڪ طرف جا پاڻ آهيون دوستو !

واءُ ڏکيو آهي وريو يار جو
حال پنهنجو ڪيئن بچايون دوستو !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئو طرف چانڊاڻ ٿي پئي يار جي
سُونهن ۽ سرهاڻ ٿي پئي يار جي

پيار ۾ پرتو رهڻ آهي ستو
پر ڪڍهن چڪتاڻ ٿي پئي يار جي

دل ۾ اونده جا وڏا آثار ها
روشنيءَ اهجاڻ ٿي پئي يار جي

هي حياتي موج مستيءَ ۾ مچي
سڪ سچي جي ساڻ ٿي پئي يار جي

تنهنجو عاجز تنهنجي لئہ سڪندو وتي
هي انهي ڪي جاڻ ٿي پئي يار جي

29.02.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آستين ۾ نانگ پالي ٿا رکون
زهر کان توڙي سدائين پيا ڏچون

هت چوٽ ۾ ۽ ڪرڻ ۾ آ فرق
يار! سادا هئون، پنيان ڪنهن جي لڳون

شهر ٿيا کنڊر ته ماڻهو پي تباهه
چو نه پوءِ عبرت اتان حاصل ڪريون

ڏوڙ دنيا ۾ چمڪ ڪاڻي ليي
پاڻ مشتاقن جيان ان کي ڏسون

جي هوا ۾ آ تواضع تان سڏو
نه ته انهيءَ ۾ ڪوڙ طوفان ۽ جهڪون

تيز ڏوڙي ٿو زمانو جيڪڏهن
پاڻ پي طاقت وني کاوِک کٽون

ويسلو عاجز نه ويهڻ ٿو کپي
هر هميشه سوچ کا اڳتي رکون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جـــــاڳي رات گـــــذارڻ گهرجـــــي
وينـــــي ســـــج ايـــــارڻ گهرجـــــي

هـــن جـــي مرضـــي پـــل هـــو وســـاري
پـــاڻ تـــ هـــن کـــي ســـارڻ گهرجـــي

جهـــڙي تهـــڙي تـــ بـــ هـــيءَ حيـــاتي
اوکـــي ســـوکي گهـــارڻ گهرجـــي

وڃجـــي هـــاري جنـــگ تـــڏهن پـــي
هـــانوَ نـــ هرگـــز هـــارڻ گهرجـــي

تيـــل وجهـــڻ ســـان ڏيئـــا روشـــن
پـــاڻ بـــ کـــڏهن بـــارڻ گهرجـــي

عـــاجز آهـــي نيکـــي اڇکلهـــ
درد ونـــدي دل نـــارڻ گهرجـــي

18.03.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جـوڙ جـون سـنيارون ٿيـون مـاري وجهـن
پـرين جـون پچـارون ٿيـون مـاري وجهـن

ڏسـان صـبح ويلـي لـڙي شـام تـي
پکـين جـون قطـارو ٿيـون مـاري وجهـن

سـجي رات بـاري اکـين جـا ڏيئـا
دڳـن ۾ نهـارون ٿيـون مـاري وجهـن

وسـڻ جـا ڪـري ويـس بـادل وريـا
منـدون ۽ ملهـارون ٿيـون مـاري وجهـن

وري آءُ جلـدي ڇجـي هـانوَ ٿـو
مـون کـي يـر ميـارون، ٿيـون مـاري وجهـن

16.03.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايئن ٿو اڇوڪي ڏسان رات ڙي !
جيئن مُندبنا ڪائي برسات ڙي !

سدا دل ٿي چاهي سڄڻ روبرو
ڏين کٽ اجازت تا حالات ڙي !

ستارن بنا ڇڻ ٻسو آسمان
ءِ ڏرتي ويچاريءَ کي سڪرات ڙي !

ڪري نند کهڙي طرح کو ڏسي
سمهڻ کيئن ڏيندا هي فڪرات ڙي !

ورهيه ويا وهامي مگر گهٽ نه ٿيا
ويا جيءِ جهوري هي جذبات ڙي !

اکين جا اوجاگا کٽڻ جا نه ٿيا
پري پهچ کان ڇڻ ته پريات ڙي !

جواني ته عاجز! ڏکي ٿي نيي
گهڙيون جيل ۾ جيئن ملاقات ڙي !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هـر گهـڙي آ رات وانگـي تـون نـ وچ !
زنـدگي فڪـرات وانگـي تـون نـ وچ !

تـو بنـا ڪـاڻي اسـان لئـ آ سـڪون !
بـدلجي حـالات وانگـي تـون نـ وچ !

مـان ڏکيـو توکـان سـوا منهنجـا سـڃڻ !
زنـدگي سـڪرات وانگـي تـون نـ وچ !

اڄ بـ اڻ تـڻ کـوڙ آهـن ڳڻتيـون !
دل تـي وهنـڊ ڪـات وانگـي تـون نـ وچ !

ٿـو ڏسـان پيـو چـوء طـرف عـاجز هتـي
آهـ جـڻ خطـرات وانگـي تـون نـ وچ !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام لڙي جا پاڇا آهن
ماڻهن درد سجاتا آهن

سج گرهڻ ۽ چند گرهڻ جڻ
ڏرتي کي پاراتا آهن

پنهنجا ڪوڙا ڏاريا منڙا
تي ويا رشتا ناتا آهن

تنهنجا طعنا تنڪا سهڻا
ڳل ڳچي کنهن پاتا آهن

ڪاتي هينان ڪنڌ تڏهن پي
گيت سياڻن ڳاتا آهن

هاڻ هلي آ عاجز تون پي
درد وندا ڪيئي آتا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندي پياري ڪيستائين!
دنيا داري ڪيستائين!

بلڪل ٿوري آهي حياتي
مُٺ ۾ واري ڪيستائين!

مائٽ مٽ ۽ دوست سڄڻ
يارو ياري ڪيستائين!

جو ڪجهه ڪرڻو سو بهتر ڪر
لوڪ مياري ڪيستائين!

موت آ اڻ ٽر، تنهن کان عاجز
ڪن لاٽاري ڪيستائين!

22.04.07

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هـــو پـــاڻ وســـاري ويئـــڙا ڇـــڏي
كـــا يـــاد ڏيـــاري ويئـــڙا ڇـــڏي

كشـــتيءَ كـــي كنـــاري لائـــڻ كـــان
وچ ســـير بيهـــاري ويئـــڙا ڇـــڏي

پنهـــونءَ كـــي ونـــي ويـــا كيچـــي پـــر
ســـئيءَ كـــي ســـمهاري ويئـــڙا ڇـــڏي

بربـــاد ٿيئـــين دل كنهنجـــي كـــري
كـــنهن جـــي نـــ ســـهاري ويئـــڙا ڇـــڏي

غيـــرنُ تـــي ميـــارون ڇـــا عـــاجز
پنهنجـــا بـــ تـــ مـــاري ويئـــڙا ڇـــڏي

16.10.07

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن دلبر اشارو ٿي پوي
جو ڪسو سو پي پلارو ٿي پوي

مان بہ خوش ٿي هيءَ گذاريان زندگي
جي سڃڻ منهنجو سهارو ٿي پوي

دل جي ڪشتي پار ٻئي پهچي وجي
ويجهڙو ڪوئي ڪنارو ٿي پوي

روز نظرن جون ڪليون تازيون ٿين
شبنمي هڪڙو نظارو ٿي پوي

ايتري يا رب ! هجي مون کي عطا
جو رڳو سولو گذارو ٿي پوي

01.01.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توڪل جي ترهي ڪي ترندي ڏٺم
وهم وسوسن ڪي ئي ٻڏندي ڏٺم

رکيو پاڻ کي جنهن بہ ڳچ ۾ گهٽو
هنڌايو ٿہ تنهن، ڪيس روئندي ڏٺم

خزان ڪاٿي جيڪي بهارن ۾ پهتا
نوان گونچ تن تي ئي ڦُٽندي ڏٺم

اول ٿيندي ڪاراڻ پوءِ روشني
انهيءَ ئي طرح مچ مچندي ڏٺم

پڳا جيڪي جهٽ سي وريا پي تہ تکڙا
رسيا ديرِ جيڪي سي رهندي ڏٺم

وڃائڻ بنا ڪجهہ بہ حاصل نہ آهي
ٻڏيءِ جا تہ ٻيٽا ئي بڏندي ڏٺم

ڪٿي تيل ڏيئو ڪٿي دل جگر
ڪٿي جان عاجز جي جلندي ڏٺم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيـــٽ كـــان پـــوءِ پيـــار جـــو آ مســـئلو
ســـونهن لئـــ ســـينگار جـــو آ مســـئلو

عاشـــقي انســـان لئـــ نـــاهي فقـــط
پـــر ســـجي سنســـار جـــو آ مســـئلو

درد جـــي لئـــ آ دوا لازم مگـــر
غـــم جـــي لئـــ غمخـــوار جـــو آ مســـئلو

هـــي حيـــاتي كـــا وڏي نـــاهي وِٽـــي
بـــس ڏِهـــاڙا چـــار جـــو آ مســـئلو

زنـــدگي عـــاجز گـــذر ٿـــي ٿئـــي مگـــر
ســـوچ ۽ ويچـــار جـــو آ مســـئلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غـــم ۾ هـــيس غلطـــان ٻيـــو قصـــو نـــه هـــو
هـــوش هـــو حيـــران ٻيـــو قصـــو نـــه هـــو

پيـــار کـــي کـــن پـــاپ ســـمجهي هـــو وتـــو
ٻيـــو نـــه هـــو عنـــوان ٻيـــو قصـــو نـــه هـــو

زنـــدگي ۽ مـــوت آ هـــڪ سلســـلو
ٿـــي رهـــيس مهمـــان ٻيـــو قصـــو نـــه هـــو

زنـــدگي هـــڪ قيـــد خـــاني ٻڌ ...ـــل
هـــر گهـــڙي زنـــدان ٻيـــو قصـــو نـــه هـــو

دل جـــي حســـرت دل انـــدر عـــاجز اجـــان
اڻ ڳڻيـــا ارمـــان ٻيـــو قصـــو نـــه هـــو

19.01.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حياتي آ خدا جي هڪ امانت
ٿيئ گھرجي نہ ان ۾ ڪا خيانت

بري ۽ پٽ پلي جي پرک گھرجي
عقل سان گڏ ضروري آ ذهانت

خوشيءَ سان يار پابنديون بہ ڪٽجن
هئڻ اختيار کان بهتر مماڻت

خدا جي خلق جي خدمت ضروري
خدا جنهن جي ڪري اهڙي اعانت

هئڻ اڳ۾ ڏکن سان ئي نهي ٿو
خوشين جي پوءِ کا ملندي ضمانت

متان عاجز ڪرين ڪائي بہ غلطي
اندر مان روح جي بُڌجان ملامت!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يـــار تكـــڙ ۾ شـــام نـــه آڻيـــو
اونـــده جـــو پيغـــام نـــه آڻيـــو

حـــق ســـچ آڻـــڻ گهرجـــي بيشـــڪ
ڪـــنهن تـــي پـــر الـــزام نـــه آڻيـــو

ڪـــل خوشـــيءَ جـــا ڪـــوڙ خزانـــا
ان هونـــدي ماتـــام نـــه آڻيـــو

ســـوچيو هـــر ڪـــم جـــي آخـــر ڪـــي
پـــاڻ بـــرو انجـــام نـــه آڻيـــو

ســـوچيو جـــو ڪجهـــ بهتـــر عـــاجز
خيـــال مگـــر ڪـــو خـــام نـــه آڻيـــو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بـــن بيـــڙين ۾ هـــر کـــو ســـوار
کـــٽ الائـــي پهچـــي يـــار

ڊوڙن جـــي هـــر خـــواهش پويـــان
نيـــٺ تـــه ٽکجـــي ٽينـــدا خـــوار

ڏک ئـــي نـــه کـــائين ســـک ٽـــا طلبـــين
يـــار اياڻـــا بـــي اعتبـــار

پـــاڻ نـــه پرکـــي ٻئـــي کـــي ٽـــوکي
هـــل پـــچ کـــاري واري کـــار

هيکـــل مـــاڻهو کـــي جـــو هلڻـــو
ڇـــ .ز اـــو لالـــچ طمـــع هـــزار

نـــادانن کـــي کـــرين نصـــيحت
عـــاجز هـــوش عقـــل کجهـــه ڏار

18.12.07

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ خواهشون سهيڙي سينگار ٿا بٽايون
اڄ لڙڪ مُرڪ ميڙي گلڏار ٿا بٽايون

محبت جي يار بدلي محبت اسان کي گهرجي
نيڪي جي بدلي نيڪي وهنوار ٿا بٽايون

ڏرتيءَ جو حُسن کوهي امبر ڏي وڃن ماڻهو
ڏرتي ۽ فلڪ وچ۾ ديوار ٿا بٽايون

ڏک سور ۾ رهي پي ظاهر ڪجي خوشيءَ کي
ماڻهوءَ جي لاءِ لازم ڪردار ٿا بٽايون

راتين جون راتيون جاڳي اوجاڳا اکين کي ڏئي
محبوب سان ملڻ جا آثار ٿا بٽايون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل جـــو دلبـــر ڏار آهـــي دوســـتو !
دل جـــي حالـــت زار آهـــي دوســـتو !

ٿيـون ڏکيـون گـذرن حيـاتيءَ جـون گهڙيـون
هـــر گهـــڙي ڇـــڻ بـــار آهـــي دوســـتو !

رات کـــاري ٿـــي لڳـــي دنيـــا ســـڃي
چـــو طـــرف مانـــار آهـــي دوســـتو !

ڪونـــ ٿـــو غمخـــوار دل جـــاني ملـــي
غـــم بـــ تـــارو تـــار آهـــي دوســـتو !

دوســـتيون ياريون بـــ مطلـــب جـــون ٿيـــون
پيـــار پـــي واپـــار آهـــي دوســـتو !

زنـــدگي ۽ مـــوت جـــو هـــي مســـئلو
ظـــاهري نـــروار آهـــي دوســـتو !

اڄ بـــ ڪـــنهن جـــي يـــاد ۾ عـــاجز وري
درد ســـان دوڇـــار آهـــي دوســـتو !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رستا ناهموار اچين جي اچ پلين !
جيئڻ آ دشوار اچين تان اچ پلين !

گل جا خواهشمند ذهن ۾ هي بہ هجئي
هٿ ۾ لڳندئي خار اچين جي اچ پلين !

کل خوشيءَ جي راند نہ آهي يار وفا !
سر سوليءَ سينگار اچين جي اچ پلين !

عام تہ کوڙ زماني ۾ ايندا تون خاص
پنهنجو رک کردار اچين جي اچ پلين !

جهٽ گهڙيءَ جي آهي حياتي سوچ ڪجان !
موٽڻ لئہ رهہ تيار اچين جي اچ پلين !

روئندو آئين روئندو ويندين او عاجز !
سک نہ لهندئين يار اچين جي اچ پلين !

22.03.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيـــر تـــ آخـــر آهـــي ڊيـــر
جهـــوڪ فنـــا جـــي رهنـــدو ڪيـــر !

منـــدون موٽيـــون يـــار نـــ موٽيـــو
فصـــل پڪـــا ۽ چٽيـــا ٻيـــر

عمـــر بـــ ٿـــوري ڪـــم بـــ ڪيـــڏا !
پـــوءِ چـــو سســـتي ايـــڏي ديـــر

جـــاڏهون آئـــين تـــاڏي وينـــدين
پنـــڌ انهـــي تـــي پـــاڻ ڪـــي هيـــر

دنيـــا فـــاني منهنجـــا جـــاني !
رهنـــدو رب، نـــ بچنـــدو ڪيـــر

عـــاجز اُجـــرو ٿينـــدين تـــڏهن
جـــڏهين مـــن مـــان ڪدنـــدين ميـــر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڌندو تاءُ ۾ گهٽندو آهي
اڳتي قدم ۾ هٽندو آهي

باهه جو ڪم آ سڪو جلائڻ
سائو پي ڪڏ سڙندو آهي

گڏجڻ ۾ ڪو وڇڙڻ جهڙو
وڇڙي پي ڪو ملندو آهي

اڻ پليو هڪ رب ئي آهي
بندو هر هر پلندو آهي

جيڪو لُڇندو سو ئي لهندو
محنت سان سي سُهندو آهي

وٺي وٺي ننڊ ڪندو ۽
خواب ۾ عاجز گهمندو آهي

31.03.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات سر تي آهي آيل چا ڪجي !
خواب سارا يار گهايل چا ڪجي !

محبتون انسان جي فطرت مگر !
نفرتون ڪنهن جون بڻايل ؟! چا ڪجي !

اڻ گهريا ڪنهنکي عطا ٿا ٿي وڃن
سڪوندا پر ڪي سڪايل چا ڪجي !

شهر، ماڻهو، روڊ، رستا، اجنبي
ڇڻ بمن جا سپ هيسايل چا ڪجي !

ڪيئن خبر پئي درد بي انداز جي
ڪيترو ڪوئي ستايل چا ڪجي !

آخرت جو فڪر عاجز ڪونہ آ
سوچ ۾ سيکو ورهايل چا ڪجي !

31.03.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيٽـــو جـــڏهن وڃنـــدو آهـــي
ڏاڍو تـــڏهن ڏجنـــدو آهـــي

ســـورهيه مـــوت تـــ هڪـــڙو پيـــرو
ڪـــائنر هـــر هـــر مرنـــدو آهـــي

بـــادل پـــي ڪِـــٽ تـــنهن کـــي ڏوئـــين
رت ســـت ســـان جـــو لکنـــدو آهـــي

آهـــن ڪڪـــر ســـلامي ان جـــا
هيـــرن ســـان جـــو اڏنـــدو آهـــي

مـــاڻهوءَ جـــي پيشـــانيءَ عـــاجز
پڙهيـــو ويڻـــو پڙهنـــدو آهـــي

01.04.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي سنار کٽي، ڪوئي جيئي ٿو
خوابن چارکٽي، ڪوئي جيئي ٿو

هيءَ حياتي جڙ کين حياتي آ
پر آثار کٽي، ڪوئي جيئي ٿو

زور زمانو هي ڪونہ جيئڻ ٿو ڏي
دل آڌار کٽي، ڪوئي جيئي ٿو

سڪ نہ پلئہ آهن ڏک ئي ٿيا ڏاجا
ڪل آزار کٽي، ڪوئي جيئي ٿو

حيرت ئي آهي ماڻهو جي مَت تي
ڪيئن تڪرارکٽي، ڪوئي جيئي ٿو

01.04.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اونـــده ٿـــي وئـــي تـــارن لئـــ
ڏيئـــا ٻريـــا چـــارن لئـــ

آتـــا ارپـــڻ لئـــ گـــل ســـارا
ڪنـــڊ نـــ ڪـــوئي هـــارن لئـــ

ايـــئن لڳـــي ٿـــو ڇـــڻ تـــ ڇمياســـين
دنيـــاوي آزارن لئـــ

❖ ڦـــٽ ڳلـــي جـــا شـــاهد آهـــن
ڪيـــر مُئـــي آ نعـــرن لئـــ

روز ســـڪي ٿـــو هڪـــڙو عـــاجز
پيـــارن لئـــ دل وارن لئـــ

❖ بينظير پٽو جي شهادت جو ذڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خـــواب ســـهارا پـــي ٿيـــا كـــڏهن !
لهـــر كنـــارا پـــي ٿيـــا كـــڏهن !

پيـــار پكـــو ٿئـــي پنهـــنجن ســـان ٿـــو
غيـــر پيـــارا پـــي ٿيـــا كـــڏهن !

اونـــده ســـان آ جـــن جـــي نســـبت
ســـي چنـــد تـــارا پـــي ٿيـــا كـــڏهن !

پيـــار تقاضـــا آ گـــڏ گهـــارڻ
ڏار گـــذارا پـــي ٿيـــا كـــڏهن !

يـــار بنـــا كـــي عـــاجز كنهنجـــا ؟
پـــاڻ نيـــارا پـــي ٿيـــا كـــڏهن !

09.04.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنئين ڪاڻيءَ تي بار ڏسان ٿو
ٽوڙيل سهڻا ڏار ڏسان ٿو

ماڻهو ماڻهوءَ جو دشمن ٿيو
منفي سوچ ويچار ڏسان ٿو

دوست بہ دشمن وانگر ٿي پيا
آهن حملہ وار ڏسان ٿو

حرص حوس ۽ لوڀ طمع ۾
چاڪ چگا بيمار ڏسان ٿو

رت جا رشتا ساڻ چڏي ويا
مائٽ مٽ بيزار ڏسان ٿو

روز پچان ٿو عاجز خود ڪان
چا قيامت آثار ڏسان ٿو

23.04.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يـــار پيـــارو كـــوئي كـــونهي !
نـــيهن نظـــارو كـــوئي كـــونهي !

پـــاڻ ٻـــڌڻ جـــي آهيـــان ويجهـــو
يـــا تـــه ســـهارو كـــوئي كـــونهي !

هـــر رســـتو جـــڻ چئـــو واٽـــو ٽيهـــو
هكـــڙو چـــارو كـــوئي كـــونهي !

دل جـــي دنيـــا اوندهـــه ٿـــي آ
چنـــڊ ســـتارو كـــوئي كـــونهي !

هـــاڻ هلـــڻ جـــي تيـــاري عـــاجز
چـــو تـــه گـــذارو كـــوئي كـــونهي !

28.04.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيــــر آهـــي وفـــا شـــعار ميـــان !
جـــنهن تـــي قـــائم ٿئـــي اعتبـــارَ ميـــان !

دل جـــي گلشـــن تـــي آ خـــزان آيـــل
پـــر نـــه آ موســـمِ بهـــار ميـــان !

ڏيـــنهن کـــان پـــوءِ رات جـــي آمـــد
بيقـــرارن کـــي ڪـــٿ قـــرار ميـــان !

خـــوف اميـــد جـــي ســـدا وچ ۾
زنـــدگي مـــوت گـــڏ گـــذار ميـــان !

هـــر صـــبح ســـاڻ پنهنجـــي ئـــي هـــٿ ســـان
درد پئجـــي ٿـــو مـــنهن نهـــار ميـــان !

اهـــڙي طـــرح ٿـــا گـــذاريون عـــاجز
ڇـــڻ تـــه لاهيـــون ٿـــا پيـــا ميـــار ميـــان !

23.05.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عجب زندگيءَ ۾ هي اسرار آهن !
سچا يار پي ٿي پيا اغيار آهن !

هتي صورتون ڪاٿي فطري ملن ٿيون
ٿيا مورتن تي ڪيئي وار آهن !

گلن کي بہ آزاد ناهي ڇڏيو ويو
انهن ساڻ پي گڏ ڪيئي خار آهن !

نٽي سچ چواڻي قدر ڪنهن کان ماڻي
رڳو ڪوڙ جا ڪار وهنوار آهن

پچان هاڻ ڪنهن کان مسئلو هيءُ عاجز
وڌيا ايڏا ڇاڪاڻ آزار آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الا ! اڄ سڄڻ کي سنيارڻ ڪپي
وري دل پٿر کي پگهارڻ ڪپي

خبر ناهي ڪهڙي هو گس کان اڇي
اها راهه وهي نهارڻ ڪپي

تڙپ پوڳنا بيقراري مان حاصل
ثمر زندگي لئه سينگارڻ ڪپي

جي اڇي ته جڳ ۾ ڪجي ٿهڪڙو
جي ويجهي هتان جڳ روئارڻ ڪپي

ڏکين لاءِ ڏيڻ غمزدن لئه ملهم
ايئن زندگي گذارڻ ڪپي

مرون پي جي عاجز! ائين ڇو مرون
مري جڳ جهان کي اجارڻ ڪپي

24.05.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آنـــــــڈي ۽ طوفـــــــان ســـــــدائين
ســـــمجھ نڏـــــي نـــــادان ســـــدائين

تيـــــز هـــــوائن جـــــي اڳيـــــان هـــــي
ڪنهنجـــــو آ نقصـــــان ســـــدائين

وقـــــت غنيمـــــت کـــــي نـــــ وڃـــــائج
پـــــوءِ رهنـــــد ۽ ارمـــــان ســـــدائين

ڪـــــنهن حالـــــت مـــــان جـــــو نـــــ پـــــروڙي
ڇـــــا ســـــڏبو انســـــان ســـــدائين؟!

ســـــوچ ســـــمنڊ ۾ پـــــاڻ پريشـــــان
عـــــاجز آ حيـــــران ســـــدائين

14.05.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيــــر اي دل مـــوڪلائي ويـــو هليـــو !
جـــو صـــفا غـــم ڪـــي وڏائـــي ويـــو هليـــو!

رات ئـــي پريـــات آڻـــي ٿـــي ڏيئـــي
صـــبح جـــو تـــارو ٻُـــڌائي ويـــو هليـــو

ٿهـــڪ ۾ ڪـــي چهـــڪ شـــامل هـــا منـــا!
تـــنهن ڪـــري ڪـــوئي ڪلائـــي ويـــو هليـــو

جـــاڳ ۾ مـــون ڪـــي جلائـــڻ واســـطي
ننـــڊ نيـــڻن جـــي ڦٽـــائي ويـــو هليـــو

ســـر ســـهائڻ جـــنهن ســـکيو هـــو ســـچ مٺـــي
ڪنـــڊ ســـو پنهنجـــو ڪٽـــائي ويـــو هليـــو

يـــار عـــاجز پـــي صـــفا درويـــش هـــو!
جـــو ســـندو ســـپ ڪجهـــ لٽـــائي ويـــو هليـــو

31.12.07

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل دنيـــا كـــان پلجـــي بهتـــر
حـــرص و حـــوس كـــي جهلجـــي بهتـــر

دور رهـــڻ آ ســـك وڏائـــڻ
پـــر كـــڏهن جـــي ملجـــي بهتـــر

ســـور تـــه ســـونهان آهـــن پيـــارا
ڏک يـــارن ســـان ســـلجي بهتـــر

ســـادن ســـان ســـڻڙو ٿـــي هلجـــي
چـــال نـــه كـــڏهين چلجـــي بهتـــر

جيكـــو حـــق آ مـــنهن تـــي مججـــي
كـــين تـــنهن كـــان الجـــي بهتـــر

گُهـــٽ پوســـٽ آ عـــاجز اچكلهـــه
هيـــر هـــوا جيـــان گهلجـــي بهتـــر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر گهڙيءَ پوئتي قدم آهي
ٿيو جڏهن کان ونئي جنم آهي

لعل و گوهر ته قيمتي آهن
ڳولهه ان کان به وڏا اسم آهي

روح جي پرورش ٿيڻ گهرجي
عارضي يار هي جسم آهي

پاڻ اختيار سپ ملیل توکي
ٻئي جي هٿ قلم آ. قلم آهي

بوند کي بحر ٿي وڃڻ گهرجي
جي ذرو آب ۾ فهم آهي

رهه ڪرم ساڻ فرش تي عاجز
عرش تان رب ڪندو رحم آهي

02.07.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم نہ ڪجھہ پي ايندئي ڙي !
دشمن سڀ ڪجھہ ٽيندئي ڙي !

جو ٿو ميڙين يار هٿن سان
سو بہ تہ هليو وينـدئي ڙي !

دل دنيا سان جوڙ نہ چريا
هيءَ ئي ڪڏهِ نينـدءِ ڙي !

يار مرڻ تي ڪيل ختم آ
ڪجھہ نہ ڪرڻ پوءِ ڏينـدئي ڙي !

سنڌڙا خيال جي هونـدءِ عاجز
سهڻو نانءُ سڏيندئي ڙي !

02.07.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيهـــان ڏور وجـــڻ جـــي تيـــاري
آهـــي ضـــرور وجـــڻ جـــي تيـــاري

لـــوڪ لـــڏڻ تـــي يـــار ويچـــارج
تـــو پـــي حضـــور ! وجـــڻ جـــي تيـــاري

امـــر خـــدا جـــو مڃڻـــو پونـــدو
ڪـــج منظـــور وجـــڻ جـــي تيـــاري

راه ربـــــاني قـــــائم عـــــاجز
يَـــر مجبـــور وجـــڻ جـــي تيـــاري

02.07.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيـــــــاتي يـــــــار فـــــــاني ڙي !
اڻـــــــي ويچـــــــار فـــــــاني ڙي !

جـــــــواني جـــــــوش ۽ جـــــــذبو
ڏهـــــــاڙا چـــــــار فـــــــاني ڙي !

عمـــــــل جـــــــو هـــــــي جهـــــــان آهـــــــي
نـــــــه وانـــــــدو وار فـــــــاني ڙي !

ڪـــــــرين ٿـــــــو بـــــــي ثبـــــــاتي گـــــــڻ
عقـــــــل ڪجهـــــــه ڏار فـــــــاني ڙي !

فريبـــــــي رونقـــــــون ســـــــاريون
اڪـــــــين ۾ چـــــــار فـــــــاني ڙي !

هلـــــــڻ لئـــــــه هيڪلـــــــو عـــــــاجز
ســـــــدا رهـــــــه تيـــــــار فـــــــاني ڙي !

31.05.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاد نظم

اوهان جي ياد تازي آ
قبر تي پيل گلابن جيئن
اسان جي آس پي آهي
ڪچي پوري متيءَ جهڙي
متي پي خشڪ ٽيٽي آ
گلابن کي به سُڪڻو آ
انهيءَ کانپوءِ ائين ٿيندو
قبر کا ٻئي وجي ٺهندي
ءِ گل به ڪي نوان ايندا
اهو ئي سلسلو رهندو
جي دليون ٽٽنديون رهنديون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهيد راڻي بينظير ڀٽو - کي ڀيٽا

موئن جا ڏڙا !
هاڻ توسان وري
گلن جو ڏڙو هڪ
نهيل ٿو ڏسان !
مٽي پوري آهي
قبر هڪڙي تازي
سيرانديءَ کان ماڻهون
پيراندي‌ءَ کان ماڻهون
ڀ ڇئو طرف قبرون
کي آهون کي دانهون
کي لڙکن قطارون
کي سڏکا ڀ سارون
کي نعرا کي دنبها
موئن جا ڏڙا !
اي موئن جا ڏڙا !
اسان جي صبر جي هي آ انتها
وري لاش تنهنجي مٽيءَ جا مليا
وري لاش تنهنجي مٽيءَ جا مليا !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قسمت جي شناسن جون
انڊيون ئي اکيون آهن

هر عيب ثواب ڪري
ء ثواب گناه ٿا ڪن

الزام تراشن جي
گهيري ۾ تقدس آ

الزام بري ٿيڻ
اشراف جي وس ناهي !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلن کي گلن جا
ڏجن ڪهڙا تحفا !

گلن کي ته ڪنڌا
ڏئي ڪين سگهيا !

گلن کي ته شبنم جي آهي ضرورت
گلن کي ڦڙا ماڪ جا پيا ٿا گهرجن

تڏهن ئي گلن ۾ ايندي رس رنگيني
تڏهن ئي گلن تي ايندا پونئر پيارا !

15.02.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وائي

ڪٿي انتظاري
اسان رات گهاري !

رهيا لڙڪ ڳڙندا
ڪري آه و زاري
اسان رات گهاري !

نہ موسم ملهايو
نہ جذبن ڪا ٻاري
اسان رات گهاري !

هيو چند هيڪل
ستارن ڪان عاري
اسان رات گهاري !

گهڙيون سانت واريون
گذر ٿيون ڪي ٻاري
اسان رات گهاري !

چون ٿا پرهہ ٿي
انهيءَ پوءِ پياري
اسان رات گهاري !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي سارينديِ
يار سنپارينديِ !
جڏ تہ حياتي ٿي ختم!

تون نہ ملين خالي
نيڻ نهارينديِ
جڏ تہ حياتي ٿي ختم !

تو تہ وساريو، پر
توکي وسارينديِ
جڏ تہ حياتي ٿي ختم !

ڳٽتين ۾ عاجز
عمر گذارينديِ
جڏ تہ حياتي ٿي ختم !

29.02.08

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئو سٹا

جيســـــــــــتائين دوري رهنـــــــــــدي
محبـــــــت ۾ مجبـــــــوري رهنـــــــدي
آس ۾ جـــــن جـــــي ننـــڊ نـــــ پـــــوري
تـــــن جـــــي عمـــــــر اڏوري رهنـــــدي

ســـور پيـــنا ســـنجري كنـــيم نـــالو تنهنجـــو
جيـــئن لڳـــي هـــڏكي كنـــيم نـــالو تنهنجـــو
رات پـــــر عـــــاجز نـــــ اك منهنجـــــي لڳـــــي
ســـج ويـــو اُيـــري كنـــيم نـــالو تنهنجـــو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاجز ميرواهيءَ جا ايندڙ مجموعا

وڇوڙو ويراڳ

مقتل نامو

تلخ تجربا

نخرا نوان


قيمت 70 روپيہ

غوث پيرزادي جي شاعري جو مجموعو

چيڪي مٽي

قيمت 100 روپيہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڑھندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَڳهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڑھندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑهندڙ نسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيکڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيکڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، گاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَڻُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجِيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ يلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑهندڙ نَسُل ۔ پَ نَ The Reading Generation

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، چپائيندڙن ۽ چاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ جاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہ جٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ جٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَڄي، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساڻي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساڻي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَـنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهـڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائـڻ جي اِن سهڪاري تحريـڪ ۾ شامل ٿـي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".

ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پَڙهندڙ نَسُل ـ پَ نَ The Reading Generation

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پٽ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آساني سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو سات نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book